يونٽ 2

# لاگرٿم

# LOGARITHMS

## شاگردن جي سکيا جا حاصلات

هن يونٽ جي پڙهڻ کان پوءِ شاگرد ان قابل ٿي ويندا تہ:

- عدد کي سائنسي لکٽي جي معياري صورت ۾ ظاهر ڪن ۽ برڪس.
- حقيقي عدد جو لاگرٿم جنهن جو بنياد (Base) $a$ ۽ جنهن تي ڪجهہ سگهہ (Exponent) ڏيڻ سان کو عدد ملي ان جي وصف بيان ڪرڻ $(\text{i.e., } a^x = y \Leftrightarrow \log_a y = x,\ a > 0,\ y > 0 \text{ and } a \neq 1)$
- عام لاگرٿم جي وصف بيان ڪري عدد جي لاگرٿم جوڳڻ ۽ مئنٽيسا بيان ڪري سگهن.
- عددن جو لاگرٿم معلوم ڪرڻ لاءِ جدول استعمال ڪري سگهن.
- ضد لاگرٿم جو تصور ڏين ۽ جدول (Table) کي استعمال ڪندي ڪنهن عدد جو ضد لاگرٿم معلوم ڪن.
- ڪئلڪيوليٽر جي استعمال سان لاگرٿم ۽ ضد لاگرٿم معلوم ڪن.
- عام لاگرٿم ۽ قدرتي لاگرٿم ۾ فرق بيان ڪري سگهن
- $\log_{10} y = \log y$ يا صرف $\log y$ ۽ $\log_e(y)$ کي لکن

$$\log_{10} y = x \Leftrightarrow y = 10^x \quad \text{(i)}$$

$$\ln y = x \Leftrightarrow y = e^x. \quad \text{(ii)}$$

- لاگرٿم جا هينيان قاعدا ثابت ڪريو.

$$\log_a(mn) = \log_a m + \log_a n \quad \text{(i)}$$

$$\log_a\left(\frac{m}{n}\right) = \log_a m - \log_a n, \quad \text{(ii)}$$

$$\log_a m^n = n\log_a m, \quad \text{(iii)}$$

$$\log_a m . \log_m n = \log_a n. \quad \text{(iv)}$$

- لاگرٿم جا هي قاعدا استعمال ڪري، ضرب، ونڊ ۽ سگهن جي ڏکين طريقن کي جوڙ ۽ ڪٽ وغيره جي آسان طريقن ۾ تبديل ڪن

## تعارف:

مسلمان رياضي دان ابو محمد موسيٰ الخوارزمي لاگرتم روشناس ڪرايو. ان کان پوءِ سترهين صدي عيسويءَ ۾ جان نيپيئر انهيءَ ۾ وڏيڪ سڌارو آندو ۽ سندس جدولون تيار ڪيون. انهن جدولن ۾ عدد e کي بنياد بنايو ويو. e هڪ غيرناطق عدد آهي جنهن جو ملهه قريبا .......... 2.71828 آهي.
1631ع ۾ پروفيسر هينري ڊرگس 10 کي بنياد بڻائي لاگرتم جون جدولون تيار ڪيون.

لاگرتم جي استعمال سان حساب ڪتاب آسان ٿي پيو ۽ ان جو استعمال وڌيڪ ڪارآمد ٿي ويو.

## ٢/١ سائنسي لکڻي (Scientific Notation)

سائنسي لکڻي، تمام وڏن ۽ تمام ننڍن عددن کي آسانيءَ سان لکڻ جو هڪ خاص نمونو آهي.

### 2.1.1 عدد کي سائنسي لکڻي جي معياري صورت ۾ ظاهر ڪرڻ ۽ برعڪس.

سائنس ۽ ٽيڪنالاجي جي دنيا ۾ اسان جو واسطو تمام وڏن ۽ ننڍن عددن، مقدارن، سان پوندو آهي. ڌرتي کان سج جو مفاصلو تقريبا 150,000,000 ڪلوميٽر آهي ۽ هائيڊروجن جي ائٽم جو وزن (0.000,000,000,000,000,000,000,000,001,7) گرام آهي. اهڙي قسم جي عددن کي عام لکڻي (معياري لکڻي) ۾ هرهڪ لاءِ لکڻ تمام ڏکيو آهي ۽ وقت به گهڻو گهربل آهي. سائنسدانن تمام ننڍن عددن ۽ تمام وڏن عددن کي لکڻ لاءِ مناسب ۽ آسان طريقو روشناس ڪرايو آهي جنهن کي سائنسي لکڻي چئبو آهي.

مٿي ڏنل حصي 2.1.1 ۾ ڏيڪاريل عددن کي آساني سان سائنسي لکڻي ۾ ترتيبوار $1.5 \times 10^8$ km ۽ $1.7 \times 10^{-27}$g لکبو.

هيٺيان مثال سائنسي لکڻي کي سمجهڻ لاءِ مَدَد فراهم ڪندا.

**مثال 01**

هيٺين عددن کي سائنسي لکڻي ۾ لکو.

(i) 400900 (ii) 0.0000075

**حل:** (i) **400900**

ڏنل عدد ۾، ڏهائي ايڪي واري عَدَد کان پوءِ آهي، تنهنڪري ڏهائي جي نشاني کي ساڄي کان کاٻي طرف پنجن عددن تائين ٽپايو ۽ لکو جيڪو $400900 = 4.009 \times 10^5$, گهربل سائنسي لکڻي ۾ آهي.

(ii) **0.0000075**

ڏنل ڏهائي عدد ۾ ڏهائي جو نشان کان پوءِ 7 انگ آهن جنهن ۾ 7 پهريون غير ٻڙي عدد آهي. تنهنڪري ڏهائي نشان کي 6 عددن تائين کاٻي کان ساڄي طرف ٽپايو ۽ لکو $0.0000075 = 7.5 \times 10^{-6}$، جيڪو ڏنل عدد جي گهربل سائنسي لکڻي ۾ آهي.

**مثال 02** هيٺين کي عام لکڻي ۾ لکو

(i) $2.76 \times 10^6$ (ii) $5.24 \times 10^{-4}$

**حل:** (i) $2.76 \times 10^6$

10 جي سگهه 6 آهي تنهنڪري اسان ڏهائي نشان کي 6 درجن تائين کاٻي کان ساڄي طرف ٽپائينداسين، پر مليل انگ ۾ آهن ان ڪري اسان چار ٻڙيون ساڄي طرف لکي پوءِ ڏهائي ڏينداسين يعني $2.76 \times 10^6 = 2760000$, جيڪو گهربل عام لکڻي وارو عدد آهي.

**حل:** (ii) $5.24 \times 10^{-4}$

10 جي سگهه ڪاٽو 4 آهي تنهنڪري اسان ڏهائي نشان کي 4 درجن تائين ساڄي کان کاٻي طرف ٽپائينداسين ، پر مليل انگ هڪ آهي. ان ڪري اسان ٽي ٻڙيون کاٻي طرف وڌائي پوءِ ڏهائي ڏينداسين ، يعني جيڪو گهربل عام لکڻي وارو عدد آهي. $5.24 \times 10^{-4} = 0.000524$

## مشق 2.1

1. هيٺين عددن مان هر هڪ کي سائنسي لکڻي ۾ ظاهر ڪريو.

| | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|
| (i) | 9700 | (ii) | 4,980,000 | (iii) | 96,000,000 |
| (iv) | 4169 | (v) | 84,000 | (vi) | 0.718 |
| (vii) | 0.00643 | (viii) | 0.0074 | (ix) | 0.21005 |

2. هيٺين عددن کي عام لکڻي (معياري نشاني) ۾ ظاهر ڪريو.

| | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|
| (i) | $7 \times 10^4$ | (ii) | $8.072 \times 10^{-10}$ | (iii) | $6.018 \times 10^6$ |
| (iv) | $7.865 \times 10^8$ | (v) | $2.05 \times 10^{-4}$ | (vi) | $7.25 \times 10^{10}$ |
| (vii) | $4.502 \times 10^6$ | (viii) | $2.865 \times 10^{-8}$ | (ix) | $3.056 \times 10^6$ |

## 2.2 لاگرتم

لاگرتم ضرب / ونڊ/ سگهن تي مشتمل منجهيل حساب کي سادي صورت ۾ لکڻ جو طريقو آهي.

### 2.2.1 حقيقي عدد جو لاگر تم جنهن جو بنياد (Base) $a$ ۾جنهن تي ڪجھ سگهه (Exponent)

ڏيڻ سان ڪو عدد ملي ان جي وصف بيان ڪرڻ (i.e., $a^x = y \Leftrightarrow \log_a y = x,\ a > 0,\ y > 0$ and $a \neq 1$)

جيڪڏهن $a^x = y$ ته $y$ جو لاگرتم $a$ بنياد تي $x$ کي چئبو هي ۽ علامتن ۾ لکنداسين $\log_a y = x$ جاڏهن ته $a \neq 1$ ۽ $a > 0,\ y > 0$

تنهنڪري $a^x = y \Leftrightarrow \log_a y = x$

اهو ظاهر ٿئي ٿو ته $a^x = y$ سگهه واري صورت ۽ $\log_a y = x$ لاگرتمي صورت ۾ آهن.

هيٺيان مثال سگهه ۽ لاگرتمي صورت جي تصور کي سمجهڻ ۾ مدد ڪندا.

**مثال 01** $2^{-4} = \frac{1}{16}$ کي لاگرتمي صورت ۾ لکو.

حل: $2^{-4} = \frac{1}{16} \Rightarrow \log_2 \frac{1}{16} = -4$

**مثال 02** $\log_3 81 = 4$ کي سگهه واري صورت ۾ لکو.

حل: $\log_3 81 = 4 \Rightarrow 3^4 = 81$

**مثال 03** $\log_4 2$ جو ملهه لهو.

حل: فرض ڪريو ته $x = \log_4 2$

سگهه واري صورت آهي

$\therefore \quad 4^x = 2$

$\Rightarrow \quad (2)^{2x} = 2^1$

ٻنهي طرف سگهن کي هڪٻئي جي برابر ڪرڻ سان.

$$2x = 1$$
$$\Rightarrow \quad x = \frac{1}{2}$$

**مثال 04** $x$ جو ملهه لهو جيڪڏهن $\log_x 8 = \frac{3}{2}$

**حل:** $\log_x 8 = \frac{3}{2}$

سگهه واري صورت آهي.

$$\Rightarrow \quad = (x)^{\frac{3}{2}} \quad 8$$
$$\Rightarrow \quad = (x)^{\frac{3}{2}} \quad 2^3$$

ٻنهي طرف $\frac{2}{3}$ سگهه ڏيڻ سان

$$\Rightarrow \quad = (x^{\frac{3}{2}})^{\frac{2}{3}} \quad (2^3)^{\frac{2}{3}}$$
$$\Rightarrow \quad = \quad x \quad 2^2$$
$$\Rightarrow \quad = \quad x \quad 4$$

**مثال 05** $x$ جو ملهه لهو جيڪڏهن $\log_{64} x = \frac{-2}{3}$

**حل:**

سگهه واري صورت آهي.

$$(64)^{\frac{-2}{3}} = x \qquad \Rightarrow (4^3)^{\frac{-2}{3}} = x$$
$$4^{-2} = x \qquad \Rightarrow \quad \frac{1}{4^2} = x$$
$$\frac{1}{16} = x \qquad \Rightarrow \quad x = \frac{1}{16}$$

## مشق 2.2

1. هيٺين کي لاگرٿمي صورت ۾ لکو.

(i) $7^3 = 343$　(ii) $3^{-4} = \frac{1}{81}$

(iii) $10^{-3} = 0.001$　(iv) $\sqrt[3]{8^2} = 4$

2. هيٺين کي سگهه واري صورت ۾ لکو.

(i) $\log_{27} 81 = \frac{4}{3}$　(ii) $\log_2 \frac{1}{8} = -3$

(iii) $\log_{10} 1 = 0$　(iv) $\log_{10}(0.01) = -2$

3. هيٺين مان نامعلوم لهو.

(i) $\log_{32} x = \frac{1}{2}$　(ii) $\log_a 3 = \frac{1}{2}$　(iii) $\log_{\sqrt{5}} 25 = y$

(iv) $\log_4 x = \frac{3}{2}$　(v) $\log_{10} 100 = y$　(vi) $\log_a 64 = 3$

(vii) $\log_a 1 = 0$　(viii) $\log_{55} 55 = y$　(ix) $\log_{64} 8 = \frac{x}{2}$

### 2.2.2 عام لاگرٿم جي وصف لکو، عدد جي لاگرٿم جوگڻ ۽ مئنٽيسا جي وصف لکو.

#### عام لاگرٿم

عام لاگرٿم جو بنياد 10 هوندو آهي. ان کي مصنوعي لاگرٿم يا برگز (Briggs Logarithms) پڻ سڏبو آهي.

عام لاگرٿم کي $\log_{10} y$ يا صرف $\log y$ سان لکبو آهي.

$$\log y = x \Leftrightarrow y = 10^x$$

#### عدد جي لاگرٿم جا گڻ (Characteristics) ۽ مئنٽيسا (Mantissa)

ڪنهن عدد جو لاگرٿم ٻن حصن تي مشتمل هوندو آهي. هڪڙو سڄو عددي حصو ۽ ٻيو ڏهائي يا اٽپور حصو. سڄي عددي حصي کي گڻ (Characteristics) ۽ ڏهائي حصي کي مئنٽيسا (Mantissa) چئبو آهي.

لاگرٿم جوگڻ واڌو (Positive) يا ڪاٽو (Negative) ٿي سگهي ٿو، پر مئنٽيسا هميشه واڌو ٿيندو آهي سائنسي لکڻي ۾ 10 جي سگهه کي گڻ ۽ مئنٽيسا معلوم ڪرڻ لاءِ لاگرٿم جدول استعمال ڪبي جيڪا اسان اڳيان بحث ڪنداسين.

**مثال 01** هيٺين عددن جا ڳڻ معلوم ڪريو.
**0.765, 0.04, 0.004567, 2.134, 23.56 and 3456.**

| نمبرشمار | عدد | سائنسي لکڻي | ڳڻ |
|---|---|---|---|
| 1 | 0.765 | $7.65\times 10^{-1}$ | $\bar{1}$ يا -1 |
| 2 | 0.04 | $4.0\times 10^{-2}$ | $\bar{2}$ يا -2 |
| 3 | 0.0045467 | $4.5467\times 10^{-3}$ | $\bar{3}$ يا -3 |
| 4 | 2.134 | $2.134\times 10^{0}$ | 0 |
| 5 | 23.56 | $2.356\times 10^{1}$ | 1 |
| 6 | 3456 | $3.456\times 10^{3}$ | 3 |

اسان مشاهدو ڪيو ته:

- 1 کان وڏي عدد جي لاگرٿم جو ڳڻ هميشه غيرڪاٽو ٿيندو آهي.
- 1 کان ننڍي عدد جي لاگرٿم جو ڳڻ هميشه ڪاٽو ٿيندو آهي.

**چا توهان سمجهيو؟**

لاگرٿم جي ڪاٽو ڳڻ کي -3، -2، -1 جي بدران ترتيبوار لکبو آهي. $\bar{3}$، $\bar{2}$، $\bar{1}$ جڏهن مئنٽيسا ڪاٽو هجي ته ان کي واڌو ۾ تبديل ڪبو چاڪاڻ ته مئنٽيسا هميشه واڌو هوندو آهي.

مئنٽيسا:

مئنٽيسا معلوم ڪرڻ لاءِ لاگرٿم جدول استعمال ڪبي آهي هي جدول ڏهائي جي 7 انگن تائين لاگرٿم معلوم ڪرڻ لاءِ ناهي ويئي آهي. پَر عملي طرح هن سطح تي عددن جو درست لاگرٿم معلوم ڪرڻ لاءِ چئن انگن واري لاگرٿم جدول ڪارگر آهي.

## 2.2.3 عددن جو لاگرٿم معلوم ڪرڻ لاءِ جدول جو استعمال ڪرڻ.

هيٺيان مثال جدول جي استعمال سان لاگرٿم معلوم ڪرڻ لاءِ مددگار ٿيندا.

**مثال 01** هيٺ ڏنل لاگرٿم عددن جو مئنٽيسا معلوم ڪريو.

(i) log (43.254) (ii) log (0.002347).

حل: (i) log (43.254)

قدم 1: ڏهائي کي غور ۾ آڻڻ بنا، 4 انگن تي مشتمل عدد ڪٽو جيڪو 4325 آهي.

قدم 2: لاگرٿم جدول ۾ ڪاٻي پاسي ڪان پهرئين ڪالم ۾ عدد 43 تلاش ڪريو.

قدم 3: ساڳي طرح ٽيون انگ ”2“ ڪٽي پهرئين ڪالم جي عدد 48 جي افقي ليڪ سان ”2“ واري ڪالم مان عدد 6355 لکو.

قدم 4: وري ساڳي طرح سان چوٿون انگ ”5“ ڪي فرق واري ڪالم (mean Difference) ۾ پهرئين ڪالم جي 43 واري افقي ليڪ سان تلاش ڪريو جيڪو عدد آهي ”5“.

قدم 5: عدد ”5“ ڪي 6355 ۾ جوڙ ڪريو، جيڪو 0.6360 ٿيندو اهو عدد (43.25) جو مئنٽيسا آهي.

# Logarithm Table

| | | | | | | | | | | | Mean Differences | | | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| | 0 | 1 | 2 | 3 | 4 | 5 | 6 | 7 | 8 | 9 | 1 | 2 | 3 | 4 | 5 | 6 | 7 | 8 | 9 |
| 10 | 0000 | 0043 | 0086 | 0128 | 0017 | 0212 | 0253 | 0294 | 0334 | 0374 | 4 | 8 | 12 | 17 | 21 | 25 | 29 | 33 | 37 |
| 11 | 0414 | 0453 | 0492 | 0531 | 0569 | 0607 | 0645 | 0682 | 0719 | 0755 | 4 | 8 | 11 | 15 | 19 | 23 | 26 | 30 | 34 |
| 12 | 0792 | 0828 | 0864 | 0899 | 0934 | 0969 | 1004 | 1038 | 1072 | 1106 | 3 | 7 | 10 | 14 | 17 | 21 | 24 | 28 | 31 |
| 13 | 1139 | 1173 | 1206 | 1239 | 1271 | 1303 | 1335 | 1367 | 1399 | 1430 | 3 | 6 | 10 | 13 | 16 | 19 | 23 | 26 | 29 |
| 14 | 1461 | 1492 | 1523 | 1553 | 1584 | 1614 | 1644 | 1673 | 1703 | 1732 | 3 | 6 | 9 | 12 | 15 | 18 | 21 | 24 | 27 |
| 15 | 1761 | 1790 | 1818 | 1847 | 1875 | 1903 | 1931 | 1959 | 1987 | 2014 | 3 | 6 | 8 | 11 | 14 | 17 | 20 | 22 | 25 |
| 16 | 2041 | 2068 | 2095 | 2122 | 2148 | 2175 | 2201 | 2227 | 2253 | 2279 | 3 | 5 | 8 | 11 | 13 | 16 | 18 | 21 | 24 |
| 17 | 2304 | 2330 | 2355 | 2380 | 2405 | 2430 | 2455 | 2480 | 2504 | 2529 | 2 | 5 | 7 | 10 | 12 | 15 | 17 | 20 | 22 |
| 18 | 2553 | 2577 | 2601 | 2625 | 2648 | 2672 | 2695 | 2718 | 2742 | 2765 | 2 | 5 | 7 | 9 | 12 | 14 | 16 | 19 | 21 |
| 19 | 2788 | 2810 | 2833 | 2856 | 2878 | 2900 | 2923 | 2945 | 2967 | 2989 | 2 | 4 | 7 | 9 | 11 | 13 | 16 | 18 | 20 |
| 20 | 3010 | 3032 | 3054 | 3075 | 3096 | 3118 | 3139 | 3160 | 3181 | 3201 | 2 | 4 | 6 | 8 | 11 | 13 | 15 | 17 | 19 |
| 21 | 3222 | 3243 | 3263 | 3284 | 3304 | 3324 | 3345 | 3365 | 3385 | 3404 | 2 | 4 | 6 | 8 | 10 | 12 | 14 | 16 | 18 |
| 22 | 3424 | 3444 | 3464 | 3483 | 3502 | 3522 | 3541 | 2560 | 3579 | 3598 | 2 | 4 | 6 | 8 | 10 | 12 | 14 | 15 | 17 |
| 23 | 3617 | 3636 | 3655 | 3674 | 3692 | 3711 | 3729 | 3747 | 3766 | 3784 | 2 | 4 | 6 | 7 | 9 | 11 | 13 | 15 | 17 |
| 24 | 3802 | 3820 | 3838 | 3856 | 3874 | 3892 | 3909 | 3927 | 3945 | 3962 | 2 | 4 | 5 | 7 | 9 | 11 | 12 | 14 | 16 |
| 25 | 3979 | 3997 | 4014 | 4031 | 4048 | 4065 | 4082 | 4099 | 4116 | 4133 | 2 | 3 | 5 | 7 | 9 | 10 | 12 | 14 | 15 |
| 26 | 4150 | 4166 | 4183 | 4200 | 4216 | 4232 | 4249 | 4265 | 4281 | 4298 | 2 | 3 | 5 | 7 | 8 | 10 | 11 | 13 | 15 |
| 27 | 4314 | 4330 | 4346 | 4362 | 4378 | 4393 | 4409 | 4425 | 4440 | 4456 | 2 | 3 | 5 | 6 | 8 | 9 | 11 | 13 | 14 |
| 28 | 4472 | 4487 | 4502 | 4518 | 4533 | 4548 | 4564 | 4579 | 4594 | 4609 | 2 | 3 | 5 | 6 | 8 | 9 | 11 | 12 | 14 |
| 29 | 4624 | 4639 | 4654 | 4669 | 4683 | 4698 | 4713 | 4728 | 4742 | 4757 | 1 | 3 | 4 | 6 | 7 | 9 | 10 | 12 | 13 |
| 30 | 4771 | 4786 | 4800 | 4814 | 4829 | 4843 | 4857 | 4871 | 4886 | 4900 | 1 | 3 | 4 | 6 | 7 | 9 | 10 | 11 | 13 |
| 31 | 4914 | 4928 | 4942 | 4955 | 4969 | 4983 | 4997 | 5011 | 5024 | 5038 | 1 | 3 | 4 | 6 | 7 | 8 | 10 | 11 | 12 |
| 32 | 5051 | 5065 | 5079 | 5092 | 5105 | 5119 | 5132 | 5145 | 5159 | 5172 | 1 | 3 | 4 | 5 | 7 | 8 | 9 | 11 | 12 |
| 33 | 5185 | 5198 | 5211 | 5224 | 5237 | 5250 | 5263 | 5276 | 5289 | 5302 | 1 | 3 | 4 | 5 | 6 | 8 | 9 | 10 | 12 |
| 34 | 5315 | 5328 | 5340 | 5353 | 5366 | 5378 | 5391 | 5403 | 5416 | 5428 | 1 | 3 | 4 | 5 | 6 | 8 | 9 | 10 | 11 |
| 35 | 5441 | 5453 | 5465 | 5478 | 5490 | 5502 | 5514 | 5527 | 5539 | 5551 | 1 | 2 | 4 | 5 | 6 | 7 | 9 | 10 | 11 |
| 36 | 5563 | 5575 | 5587 | 5599 | 5611 | 5623 | 5635 | 5647 | 5658 | 5670 | 1 | 2 | 4 | 5 | 6 | 7 | 8 | 10 | 11 |
| 37 | 5682 | 5694 | 5705 | 5717 | 5729 | 5740 | 5752 | 5763 | 5775 | 5786 | 1 | 2 | 3 | 5 | 6 | 7 | 8 | 9 | 10 |
| 38 | 5798 | 5809 | 5821 | 5832 | 5843 | 5855 | 5866 | 5877 | 5888 | 5899 | 1 | 2 | 3 | 5 | 6 | 7 | 8 | 9 | 10 |
| 39 | 5911 | 5922 | 5933 | 5944 | 5955 | 5966 | 5977 | 5988 | 5999 | 6010 | 1 | 2 | 3 | 4 | 6 | 7 | 8 | 9 | 10 |
| 40 | 6021 | 6031 | 6042 | 6053 | 6064 | 6075 | 6085 | 6096 | 6107 | 6117 | 1 | 2 | 3 | 4 | 5 | 6 | 8 | 9 | 10 |
| 41 | 6128 | 6138 | 6149 | 6160 | 6170 | 6180 | 6191 | 6201 | 6212 | 6222 | 1 | 2 | 3 | 4 | 5 | 6 | 7 | 8 | 9 |
| 42 | 6232 | 6243 | 6253 | 6263 | 6274 | 6284 | 6294 | 6304 | 6314 | 6325 | 1 | 2 | 3 | 4 | 5 | 6 | 7 | 8 | 9 |
| 43 | 6335 | 6345 | 6355 | 6365 | 6375 | 6385 | 6395 | 6405 | 6415 | 6425 | 1 | 2 | 3 | 4 | 5 | 6 | 7 | 8 | 9 |
| 44 | 6435 | 6444 | 6454 | 6464 | 6474 | 6484 | 6493 | 6503 | 6513 | 6522 | 1 | 2 | 3 | 4 | 5 | 6 | 7 | 8 | 9 |
| 45 | 6532 | 6542 | 6551 | 6561 | 6571 | 6580 | 6590 | 6599 | 6609 | 6618 | 1 | 2 | 3 | 4 | 5 | 6 | 7 | 8 | 9 |
| 46 | 6628 | 6637 | 6646 | 6656 | 6665 | 6675 | 6684 | 6693 | 6702 | 6712 | 1 | 2 | 3 | 4 | 5 | 6 | 7 | 7 | 8 |
| 47 | 6721 | 6730 | 6739 | 6749 | 6758 | 6767 | 6776 | 6785 | 6794 | 6803 | 1 | 2 | 3 | 4 | 5 | 5 | 6 | 7 | 8 |
| 48 | 6812 | 6821 | 6830 | 6839 | 6848 | 6857 | 6866 | 6875 | 6884 | 6893 | 1 | 2 | 3 | 4 | 4 | 5 | 6 | 7 | 8 |
| 49 | 6902 | 6911 | 6920 | 6928 | 6937 | 6946 | 6955 | 6964 | 6972 | 6981 | 1 | 2 | 3 | 4 | 4 | 5 | 6 | 7 | 8 |
| 50 | 6990 | 6998 | 7007 | 7016 | 7024 | 7033 | 7042 | 7050 | 7059 | 7067 | 1 | 2 | 3 | 3 | 4 | 5 | 6 | 7 | 8 |
| 51 | 7076 | 7084 | 7093 | 7101 | 7110 | 7118 | 7126 | 7135 | 7143 | 7152 | 1 | 2 | 3 | 3 | 4 | 5 | 6 | 7 | 8 |
| 52 | 7160 | 7168 | 7177 | 7185 | 7193 | 7202 | 7210 | 7218 | 7226 | 7235 | 1 | 2 | 2 | 3 | 4 | 5 | 6 | 7 | 7 |
| 53 | 7243 | 7251 | 7259 | 7267 | 7275 | 7284 | 7292 | 7300 | 7308 | 7316 | 1 | 2 | 2 | 3 | 4 | 5 | 6 | 6 | 7 |

# Logarithm Table

| | 0 | 1 | 2 | 3 | 4 | 5 | 6 | 7 | 8 | 9 | Mean Differences | | | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| 54 | 7324 | 7332 | 7340 | 7348 | 7356 | 7364 | 7372 | 7380 | 7388 | 7396 | 1 | 2 | 2 | 3 | 4 | 5 | 6 | 6 | 7 |
| 55 | 7404 | 7412 | 7419 | 7427 | 7435 | 7443 | 7451 | 7459 | 7466 | 7474 | 1 | 2 | 2 | 3 | 4 | 5 | 5 | 6 | 7 |
| 56 | 7482 | 7490 | 7497 | 7505 | 7513 | 7520 | 7528 | 7536 | 7543 | 7551 | 1 | 2 | 2 | 3 | 4 | 5 | 5 | 6 | 7 |
| 57 | 7559 | 7566 | 7574 | 7582 | 7589 | 7597 | 7604 | 7612 | 7619 | 7627 | 1 | 2 | 2 | 3 | 4 | 5 | 5 | 6 | 7 |
| 58 | 7634 | 7642 | 7649 | 7657 | 7664 | 7672 | 7679 | 7686 | 7694 | 7701 | 1 | 1 | 2 | 3 | 4 | 4 | 5 | 6 | 7 |
| 59 | 7709 | 7716 | 7723 | 7731 | 7738 | 7745 | 7752 | 7760 | 7767 | 7774 | 1 | 1 | 2 | 3 | 4 | 4 | 5 | 6 | 7 |
| 60 | 7782 | 7789 | 7796 | 7803 | 7810 | 7818 | 7825 | 7832 | 7839 | 7846 | 1 | 1 | 2 | 3 | 4 | 4 | 5 | 6 | 6 |
| 61 | 7853 | 7860 | 7868 | 7875 | 7882 | 7889 | 7896 | 7903 | 7910 | 7917 | 1 | 1 | 2 | 3 | 4 | 4 | 5 | 6 | 6 |
| 62 | 7924 | 7931 | 7938 | 7945 | 7952 | 7959 | 7966 | 7973 | 7980 | 7987 | 1 | 1 | 2 | 3 | 3 | 4 | 5 | 6 | 6 |
| 63 | 7993 | 8000 | 8007 | 8014 | 8021 | 8028 | 8035 | 8041 | 8048 | 8055 | 1 | 1 | 2 | 3 | 3 | 4 | 5 | 5 | 6 |
| 64 | 8062 | 8069 | 8075 | 8082 | 8089 | 8096 | 8102 | 8109 | 8116 | 8122 | 1 | 1 | 2 | 3 | 3 | 4 | 5 | 5 | 6 |
| 65 | 8129 | 8136 | 8142 | 8149 | 8156 | 8162 | 8169 | 8176 | 8182 | 8189 | 1 | 1 | 2 | 3 | 3 | 4 | 5 | 5 | 6 |
| 66 | 8195 | 8202 | 8209 | 8215 | 8222 | 8228 | 8235 | 8241 | 8248 | 8254 | 1 | 1 | 2 | 3 | 3 | 4 | 5 | 5 | 6 |
| 67 | 8261 | 8267 | 8274 | 8280 | 8287 | 8293 | 8299 | 8306 | 8312 | 8319 | 1 | 1 | 2 | 3 | 3 | 4 | 5 | 5 | 6 |
| 68 | 8325 | 8331 | 8338 | 8344 | 8351 | 8357 | 8363 | 8370 | 8376 | 8382 | 1 | 1 | 2 | 3 | 3 | 4 | 4 | 5 | 6 |
| 69 | 8388 | 8395 | 8401 | 8407 | 8414 | 8420 | 8426 | 8432 | 8439 | 8445 | 1 | 1 | 2 | 3 | 3 | 4 | 4 | 5 | 6 |
| 70 | 8451 | 8457 | 8463 | 8470 | 8476 | 8482 | 8488 | 8494 | 8500 | 8506 | 1 | 1 | 2 | 2 | 3 | 4 | 4 | 5 | 6 |
| 71 | 8513 | 8519 | 8525 | 8531 | 8537 | 8543 | 8549 | 8555 | 8561 | 8567 | 1 | 1 | 2 | 2 | 3 | 4 | 4 | 5 | 5 |
| 72 | 8573 | 8579 | 8585 | 8591 | 8597 | 8603 | 8609 | 8615 | 8621 | 8627 | 1 | 1 | 2 | 2 | 3 | 4 | 4 | 5 | 5 |
| 73 | 8633 | 8639 | 8645 | 8651 | 8657 | 8663 | 8669 | 8675 | 8681 | 8686 | 1 | 1 | 2 | 2 | 3 | 4 | 4 | 5 | 5 |
| 74 | 8692 | 8698 | 8704 | 8710 | 8716 | 8722 | 8727 | 8733 | 8739 | 8745 | 1 | 1 | 2 | 2 | 3 | 3 | 4 | 5 | 5 |
| 75 | 8751 | 8756 | 8762 | 8768 | 8774 | 8779 | 8785 | 8791 | 8797 | 8802 | 1 | 1 | 2 | 2 | 3 | 3 | 4 | 5 | 5 |
| 76 | 8808 | 8814 | 882 | 8825 | 8831 | 8837 | 8842 | 8848 | 8854 | 8859 | 1 | 1 | 2 | 2 | 3 | 3 | 4 | 5 | 5 |
| 77 | 8865 | 8871 | 8876 | 8882 | 8887 | 8893 | 8899 | 8904 | 8910 | 8915 | 1 | 1 | 2 | 2 | 3 | 3 | 4 | 4 | 5 |
| 78 | 8921 | 8927 | 8932 | 8938 | 8943 | 8949 | 8954 | 8960 | 8965 | 8971 | 1 | 1 | 2 | 2 | 3 | 3 | 4 | 4 | 5 |
| 79 | 8976 | 8982 | 8987 | 8993 | 8998 | 9004 | 9009 | 9015 | 9020 | 9025 | 1 | 1 | 2 | 2 | 3 | 3 | 4 | 4 | 5 |
| 80 | 9031 | 9036 | 9042 | 9047 | 9053 | 9058 | 9063 | 9069 | 9074 | 9079 | 1 | 1 | 2 | 2 | 3 | 3 | 4 | 4 | 5 |
| 81 | 9085 | 9090 | 9096 | 9101 | 9106 | 9112 | 9117 | 9122 | 9128 | 9133 | 1 | 1 | 2 | 2 | 3 | 3 | 4 | 4 | 5 |
| 82 | 9138 | 9143 | 9149 | 9154 | 9159 | 9165 | 9170 | 9175 | 9180 | 9186 | 1 | 1 | 2 | 2 | 3 | 3 | 4 | 4 | 5 |
| 83 | 9191 | 9196 | 9201 | 9206 | 9212 | 9217 | 9222 | 9227 | 9232 | 9238 | 1 | 1 | 2 | 2 | 3 | 3 | 4 | 4 | 5 |
| 84 | 9243 | 9248 | 9253 | 9258 | 9263 | 9269 | 9274 | 9279 | 9284 | 9289 | 1 | 1 | 2 | 2 | 3 | 3 | 4 | 4 | 5 |
| 85 | 9294 | 9299 | 9304 | 9309 | 9315 | 9320 | 9325 | 9330 | 9335 | 9340 | 1 | 1 | 2 | 2 | 3 | 3 | 4 | 4 | 5 |
| 86 | 9345 | 9350 | 9355 | 9360 | 9365 | 9370 | 9375 | 9380 | 9385 | 9390 | 1 | 1 | 2 | 2 | 3 | 3 | 4 | 4 | 5 |
| 87 | 9395 | 9400 | 9405 | 9410 | 9415 | 9420 | 9425 | 9430 | 9435 | 9440 | 0 | 1 | 1 | 2 | 2 | 3 | 3 | 4 | 4 |
| 88 | 9445 | 9450 | 9455 | 9460 | 9465 | 9469 | 9474 | 9479 | 9484 | 9489 | 0 | 1 | 1 | 2 | 2 | 3 | 3 | 4 | 4 |
| 89 | 9494 | 9499 | 9504 | 9509 | 9513 | 9518 | 9523 | 9528 | 9533 | 9538 | 0 | 1 | 1 | 2 | 2 | 3 | 3 | 4 | 4 |
| 90 | 9542 | 9547 | 9552 | 9557 | 9562 | 9566 | 9571 | 9576 | 9581 | 9586 | 0 | 1 | 1 | 2 | 2 | 3 | 3 | 4 | 4 |
| 91 | 9590 | 9595 | 9600 | 9605 | 9609 | 9614 | 9619 | 9624 | 9628 | 9633 | 0 | 1 | 1 | 2 | 2 | 3 | 3 | 4 | 4 |
| 92 | 9638 | 9643 | 9647 | 9652 | 9657 | 9661 | 9666 | 9671 | 9675 | 9680 | 0 | 1 | 1 | 2 | 2 | 3 | 3 | 4 | 4 |
| 93 | 9685 | 9689 | 9694 | 9699 | 9703 | 9708 | 9713 | 9717 | 9722 | 9727 | 0 | 1 | 1 | 2 | 2 | 3 | 3 | 4 | 4 |
| 94 | 9731 | 9736 | 9741 | 9745 | 9750 | 9754 | 9759 | 9763 | 9768 | 9773 | 0 | 1 | 1 | 2 | 2 | 3 | 3 | 4 | 4 |
| 95 | 9777 | 9782 | 9786 | 9791 | 9795 | 9800 | 9805 | 9809 | 9814 | 9818 | 0 | 1 | 1 | 2 | 2 | 3 | 3 | 4 | 4 |
| 96 | 9823 | 9827 | 9832 | 9836 | 9841 | 9845 | 9850 | 9854 | 9859 | 9863 | 0 | 1 | 1 | 2 | 2 | 3 | 3 | 4 | 4 |
| 97 | 9868 | 9872 | 9877 | 9881 | 9886 | 9890 | 9894 | 9899 | 9903 | 9908 | 0 | 1 | 1 | 2 | 2 | 3 | 3 | 4 | 4 |
| 98 | 9912 | 9917 | 9921 | 9926 | 9930 | 9934 | 9939 | 9943 | 9948 | 9952 | 0 | 1 | 1 | 2 | 2 | 3 | 3 | 4 | 4 |
| 99 | 9956 | 9961 | 9965 | 9969 | 9974 | 9978 | 9983 | 9987 | 9991 | 9996 | 0 | 1 | 1 | 2 | 2 | 3 | 3 | 3 | 4 |

(ii) log (0.002347)

حل: log (0.002347) ۾ ڏهائي ۽ ﭘڙين ڪي غور ۾ آڻڻ بنا چئن انگن تي مشتمل عدد 2347 ڪٺو. ﭘهرئين ڪالم جي 23 قطار تي نشان ڏيو، عدد 4 ڪي چوٿين ڪالم ۾ 23 قطار جي ڪاٽ واري رقم 3692 ڪٺو. آخري عدد 7 ڪي فرق واري ڪالم (Mean Difference) ۾ تلاش ڪريو جيڪو 13 آهي. هن عدد کي 3692 ۾ جوڙ ڪريو جنهن جو حاصل 3705 ٿيندو. تنهنڪري گهربل مئنٽيسا ٿيندو.

**مثال 02** هيٺين عددن جو لاگرٿم معلوم ڪريو.

(i) 278.27 (ii) 0.07058

حل: (i) فرض ڪريو ته $x = 278.27$

ﭘنهي پاسي لاگرٿم ڏيڻ سان

$\therefore$ $\text{Log}x = \log (278.27)$

قدم 1: عدد کي 4 انگن تائين ڪٺو جيڪو ٿيندو 278.3

قدم 2: $278.3 = 2.783 \times 10^2$ تنهنڪري گڻ آهي 2

قدم 3: مئنٽيسا معلوم ڪرڻ لاءِ ڏهائي تي غور ڪرڻ بنا عدد ٿيندو 2783 لاگرٿم جي جدول استعمال ڪري مئنٽيسا حاصل ڪريو، جيڪو 0.4445 ٿيندو.

قدم 4: گڻ ۽ مئنٽيسا کي جوڙ ڪريو جيڪو ٿيندو

$\log x = 2.4445$

حل: (ii) فرض ڪريو ته $x = 0.07058$

قدم 1: ڏهائي ۽ ﭘڙي تي غور ڪرڻ بنا چئن انگن وارو عدد ٿيندو 7058

قدم 2: مليل عدد کي سائنسي لکٽي ۾ تبديل ڪريو ته گڻ ٿيندو. $7058 \times 10^{-2}$ $-2$ يا $\bar{2}$

قدم 3: ڏهائي کي غور ۾ آڻڻ بنا 7058 جو مئنٽيسا معلوم ڪريو. لاگرٿم جدول استعمال ڪريو ته مئنٽيسا ٿيندو 0.8487

قدم 4: گڻ ۽ مئنٽيسا کي جوڙ ڪريو ته حاصل ٿيندو

$\text{Log } x = \log (0.07058) = \bar{2}.8487$

**ياد رکو ته**

ساڳي ترتيب واري اهم (Significant) عددن جي لاگرٿم جو مئنٽيسا ﺑه ساڳيو ٿيندو.

مثال طور: 0.004576, 0.04576, 0.4576, 45.76 وغيره جو مئنٽيسا ﺑه ساڳيو آهي.

## مشق 2.3

.1 هيٺين لاگرٿم جو ڳڻ ۽ مئنٽيسا معلوم ڪريو.

| | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|
| (i) | 8 | (ii) | 5054 | (iii) | 9.992 |
| (iv) | 765.3 | (v) | 0.00329 | (vi) | 0.0000300 |

.2 هيٺين عددن جو لاگرٿم معلوم ڪريو.

| | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|
| (i) | 9 | (ii) | 55.56 | (iii) | 29.592 |
| (vi) | 405.3 | (v) | 0.00469 | (vi) | 0.000076 |

.3 جيڪڏهن **log 31.09=1.4926**، ته لاگرٿم جدول استعمال ڪرڻ کان بغير هنن جو ملهه معلوم ڪريو.

| | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|
| (i) | log 3.109 | (ii) | log 310.9 | (iii) | log 0.003109 |
| (iv) | log 3109 | (v) | log 310.942 | (vi) | log 310926 |

### 2.2.4 ضد لاگرٿم جو تصور ڏيو ۽ جدول استعمال ڪري عددن جو ضد لاگرٿم معلوم ڪريو.

جيڪڏهن $\log x = y$، ته $x$ کي $y$ جو ضد لاگرٿم چئبو آهي ۽ ان کي لکبو $x = \text{antilog}\, y$ ، جيڪڏهن $x$ جو عام لاگرٿم $y$ آهي جيئن جيڪڏهن $\log x = y$ ته x معلوم ڪرڻ لاءِ ضد لاگرٿم جون جدولون هيٺ ڏنل قاعدن مطابق استعمال ڪندا سين.

قاعدو1: جيڪڏهن ڳڻ غير ڪاٽو n آهي ته پوءِ ضد لاگرٿم ۾ n+1 انگ سجهي حصي ۾ هوندو.

قاعدو2: جيڪڏهن ڳڻ ڪاٽو n آهي ته پوءِ ضد لاگرٿم ۾ n-1 ، ٻڙيون ڏهائي جي نشاني کان پوءِ هونديون.

ضد لاگرٿم جو طريقو هيٺين مثالن سان واضح ڪيل آهي.

**Antilogarithm Table**

| | 0 | 1 | 2 | 3 | 4 | 5 | 6 | 7 | 8 | 9 | Mean Differences 1 | 2 | 3 | 4 | 5 | 6 | 7 | 8 | 9 |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| .00 | 1002 | 1005 | 1007 | 1009 | 1012 | 1014 | 1016 | 1019 | 1021 | 0000 | 0 | 0 | 1 | 1 | 1 | 1 | 2 | 2 | 2 |
| .01 | 1023 | 1026 | 1028 | 1030 | 1033 | 1035 | 1038 | 1040 | 1042 | 1045 | 0 | 0 | 1 | 1 | 1 | 1 | 2 | 2 | 2 |
| .02 | 1047 | 1050 | 1052 | 1054 | 1057 | 1059 | 1062 | 1064 | 1067 | 1069 | 0 | 0 | 1 | 1 | 1 | 1 | 2 | 2 | 2 |
| .03 | 1072 | 1074 | 1076 | 1079 | 1081 | 1084 | 1086 | 1089 | 1091 | 1094 | 0 | 0 | 1 | 1 | 1 | 1 | 2 | 2 | 2 |
| .04 | 1096 | 1099 | 1102 | 1104 | 1107 | 1109 | 1112 | 1114 | 1117 | 1119 | 0 | 1 | 1 | 1 | 1 | 2 | 2 | 2 | 2 |
| .05 | 1122 | 1125 | 1127 | 1130 | 1132 | 1135 | 1138 | 1140 | 1143 | 1146 | 0 | 1 | 1 | 1 | 1 | 2 | 2 | 2 | 2 |
| .06 | 1148 | 1151 | 1153 | 1156 | 1159 | 1161 | 1164 | 1167 | 1169 | 1172 | 0 | 1 | 1 | 1 | 1 | 1 | 2 | 2 | 2 |
| .07 | 1175 | 1178 | 1180 | 1183 | 1186 | 1189 | 1191 | 1194 | 1197 | 1199 | 0 | 1 | 1 | 1 | 1 | 2 | 2 | 2 | 2 |

# Antilogarithm Table

| | 0 | 1 | 2 | 3 | 4 | 5 | 6 | 7 | 8 | 9 | 1 | 2 | 3 | 4 | 5 | 6 | 7 | 8 | 9 |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| .08 | 1202 | 1205 | 1208 | 1211 | 1213 | 1216 | 1219 | 1222 | 1225 | 1227 | 0 | 1 | 1 | 1 | 1 | 2 | 2 | 2 | 3 |
| .09 | 1230 | 1233 | 1236 | 1239 | 1242 | 1245 | 1247 | 1250 | 1253 | 1256 | 0 | 1 | 1 | 1 | 1 | 2 | 2 | 2 | 3 |
| .10 | 1259 | 1262 | 1265 | 1268 | 1271 | 1274 | 1276 | 1279 | 1282 | 1285 | 0 | 1 | 1 | 1 | 1 | 2 | 2 | 2 | 3 |
| .11 | 1288 | 1291 | 1294 | 1297 | 1300 | 1303 | 1306 | 1309 | 1312 | 1315 | 0 | 1 | 1 | 1 | 2 | 2 | 2 | 2 | 3 |
| .12 | 1318 | 1321 | 1324 | 1327 | 1330 | 1334 | 1337 | 1340 | 1343 | 1346 | 0 | 1 | 1 | 1 | 2 | 2 | 2 | 2 | 3 |
| .13 | 1349 | 1352 | 1355 | 1358 | 1361 | 1365 | 1368 | 1371 | 1374 | 1377 | 0 | 1 | 1 | 1 | 2 | 2 | 2 | 3 | 3 |
| .14 | 1380 | 1384 | 1387 | 1390 | 1393 | 1396 | 1400 | 1403 | 1406 | 1409 | 0 | 1 | 1 | 1 | 2 | 2 | 2 | 3 | 3 |
| .15 | 1413 | 1416 | 1419 | 1422 | 1426 | 1429 | 1432 | 1435 | 1439 | 1442 | 0 | 1 | 1 | 1 | 2 | 2 | 2 | 3 | 3 |
| .16 | 1445 | 1449 | 1452 | 1455 | 1459 | 1462 | 1466 | 1469 | 1472 | 1476 | 0 | 1 | 1 | 1 | 2 | 2 | 2 | 3 | 3 |
| .17 | 1479 | 1483 | 1486 | 1489 | 1493 | 1496 | 1500 | 1503 | 1507 | 1510 | 0 | 1 | 1 | 1 | 2 | 2 | 2 | 3 | 3 |
| .18 | 1514 | 1517 | 1521 | 1524 | 1528 | 1531 | 1535 | 1538 | 1542 | 1545 | 0 | 1 | 1 | 1 | 2 | 2 | 2 | 3 | 3 |
| .19 | 1549 | 1552 | 1556 | 1560 | 1563 | 1567 | 1570 | 1574 | 1578 | 1581 | 0 | 1 | 1 | 1 | 2 | 2 | 3 | 3 | 3 |
| .20 | 1585 | 1589 | 1592 | 1596 | 1600 | 1603 | 1607 | 1611 | 1614 | 1618 | 0 | 1 | 1 | 1 | 2 | 2 | 3 | 3 | 3 |
| .21 | 1622 | 1626 | 1629 | 1633 | 1637 | 1641 | 1644 | 1648 | 1652 | 1656 | 0 | 1 | 1 | 2 | 2 | 2 | 3 | 3 | 3 |
| .22 | 1660 | 1663 | 1667 | 1671 | 1675 | 1679 | 1683 | 1687 | 1690 | 1694 | 0 | 1 | 1 | 2 | 2 | 2 | 3 | 3 | 3 |
| .23 | 1698 | 1702 | 1706 | 1710 | 1714 | 1718 | 722 | 1726 | 1730 | 1734 | 0 | 1 | 1 | 2 | 2 | 2 | 3 | 3 | 4 |
| .24 | 1738 | 1742 | 1746 | 1750 | 1754 | 1758 | 1762 | 1766 | 1770 | 1774 | 0 | 1 | 1 | 2 | 2 | 2 | 3 | 3 | 4 |
| .25 | 1778 | 1782 | 1786 | 1791 | 1795 | 1799 | 1803 | 1807 | 1811 | 1816 | 0 | 1 | 1 | 2 | 2 | 2 | 3 | 3 | 4 |
| .26 | 1820 | 1821 | 1828 | 1832 | 1837 | 1841 | 1845 | 1849 | 1854 | 1858 | 0 | 1 | 1 | 2 | 2 | 3 | 3 | 3 | 4 |
| .27 | 1862 | 1866 | 1871 | 1875 | 1879 | 1884 | 1888 | 1892 | 1897 | 1901 | 0 | 1 | 1 | 2 | 2 | 3 | 3 | 3 | 4 |
| .28 | 1905 | 1910 | 1914 | 1919 | 1923 | 1928 | 1932 | 1936 | 1941 | 1945 | 0 | 1 | 1 | 2 | 2 | 3 | 3 | 4 | 4 |
| .29 | 1950 | 1954 | 1959 | 1963 | 1968 | 1972 | 1977 | 1982 | 1986 | 1991 | 0 | 1 | 1 | 2 | 2 | 3 | 3 | 4 | 4 |
| .30 | 1995 | 2000 | 2004 | 2009 | 2014 | 2018 | 2023 | 2028 | 2032 | 2037 | 0 | 1 | 1 | 2 | 2 | 3 | 3 | 4 | 4 |
| .31 | 2042 | 2046 | 2051 | 2056 | 2061 | 2065 | 2070 | 2075 | 2080 | 2084 | 0 | 1 | 1 | 2 | 2 | 3 | 3 | 4 | 4 |
| .32 | 2089 | 2094 | 2099 | 2104 | 2109 | 2113 | 2118 | 2123 | 2128 | 2133 | 0 | 1 | 1 | 2 | 2 | 3 | 3 | 4 | 4 |
| .33 | 2138 | 2143 | 2148 | 2153 | 2158 | 2163 | 2168 | 2173 | 2178 | 2183 | 0 | 1 | 1 | 2 | 2 | 3 | 3 | 4 | 4 |
| .34 | 2188 | 2193 | 2198 | 2203 | 2208 | 2213 | 2218 | 2223 | 2228 | 2234 | 1 | 1 | 2 | 2 | 3 | 3 | 4 | 4 | 5 |
| .35 | 2239 | 2244 | 2249 | 2254 | 2259 | 2265 | 2270 | 2275 | 2280 | 2286 | 1 | 1 | 2 | 2 | 3 | 3 | 4 | 4 | 5 |
| .36 | 2291 | 2296 | 2301 | 2307 | 2312 | 2317 | 2323 | 2328 | 2333 | 2339 | 1 | 1 | 2 | 2 | 3 | 3 | 4 | 4 | 5 |
| .37 | 2344 | 2350 | 2355 | 2360 | 2366 | 2371 | 2377 | 2382 | 2388 | 2393 | 1 | 1 | 2 | 2 | 3 | 3 | 4 | 4 | 5 |
| .38 | 2399 | 2404 | 2410 | 2415 | 2421 | 2427 | 2432 | 2438 | 2443 | 2449 | 1 | 1 | 2 | 2 | 3 | 3 | 4 | 4 | 5 |
| .39 | 2455 | 2460 | 2466 | 2472 | 2477 | 2483 | 2489 | 2495 | 2500 | 2506 | 1 | 1 | 2 | 2 | 3 | 3 | 4 | 5 | 5 |
| .40 | 2512 | 2518 | 2523 | 2529 | 2535 | 2541 | 2547 | 2553 | 2559 | 2564 | 1 | 1 | 2 | 2 | 3 | 4 | 4 | 5 | 5 |
| .41 | 2570 | 2576 | 2582 | 2588 | 2594 | 2600 | 2606 | 2612 | 2618 | 2624 | 1 | 1 | 2 | 2 | 3 | 4 | 4 | 5 | 5 |
| .42 | 2630 | 2636 | 2642 | 2649 | 2655 | 2661 | 2667 | 2673 | 2679 | 2685 | 1 | 1 | 2 | 2 | 3 | 4 | 4 | 5 | 6 |
| .43 | 2692 | 2698 | 2704 | 2710 | 2716 | 2723 | 2729 | 2735 | 2742 | 2748 | 1 | 1 | 2 | 3 | 3 | 4 | 4 | 5 | 6 |
| .44 | 2754 | 2761 | 2767 | 2773 | 2780 | 2786 | 2793 | 2799 | 2805 | 2812 | 1 | 1 | 2 | 3 | 3 | 4 | 4 | 5 | 6 |

# Antilogarithm Table

| | 0 | 1 | 2 | 3 | 4 | 5 | 6 | 7 | 8 | 9 | 1 | 2 | 3 | 4 | 5 | 6 | 7 | 8 | 9 |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| .45 | 2818 | 2825 | 2831 | 2838 | 2844 | 2851 | 2858 | 2864 | 2871 | 2877 | 1 | 1 | 2 | 3 | 3 | 4 | 5 | 5 | 6 |
| .46 | 2884 | 2891 | 2897 | 2904 | 2911 | 2917 | 2924 | 2931 | 2938 | 2944 | 1 | 1 | 2 | 3 | 3 | 4 | 5 | 5 | 6 |
| .47 | 2951 | 2958 | 2965 | 2972 | 2970 | 2985 | 2992 | 2999 | 3006 | 3013 | 1 | 1 | 2 | 3 | 3 | 4 | 5 | 5 | 6 |
| .48 | 3020 | 3027 | 3034 | 3041 | 3048 | 3055 | 3062 | 3069 | 3076 | 3083 | 1 | 1 | 2 | 3 | 4 | 4 | 5 | 6 | 6 |
| .49 | 3090 | 3097 | 3105 | 3112 | 3119 | 3126 | 3133 | 3141 | 3148 | 3155 | 1 | 1 | 2 | 3 | 4 | 4 | 5 | 6 | 6 |
| .50 | 3162 | 3170 | 3177 | 3184 | 3192 | 3199 | 3206 | 3214 | 3221 | 3228 | 1 | 1 | 2 | 2 | 4 | 4 | 5 | 6 | 7 |
| .51 | 3236 | 3243 | 3251 | 3258 | 3266 | 3273 | 3281 | 3289 | 3296 | 3304 | 1 | 2 | 2 | 3 | 4 | 5 | 5 | 6 | 7 |
| .52 | 3311 | 3319 | 3327 | 3334 | 3342 | 3350 | 3357 | 3365 | 3373 | 3381 | 1 | 2 | 2 | 3 | 4 | 5 | 5 | 6 | 7 |
| .53 | 3388 | 3396 | 3404 | 3412 | 3420 | 3428 | 3436 | 3443 | 3451 | 3459 | 1 | 2 | 2 | 3 | 4 | 5 | 6 | 6 | 7 |
| .54 | 3467 | 3475 | 3483 | 3491 | 3499 | 3508 | 3516 | 3524 | 3532 | 3540 | 1 | 2 | 2 | 3 | 4 | 5 | 6 | 6 | 7 |
| .55 | 3548 | 3556 | 3565 | 3573 | 3581 | 3589 | 3597 | 3606 | 3614 | 3622 | 1 | 2 | 2 | 3 | 4 | 5 | 6 | 7 | 7 |
| .56 | 3631 | 3639 | 3648 | 3656 | 3664 | 3673 | 3681 | 3690 | 3698 | 3707 | 1 | 2 | 3 | 3 | 4 | 5 | 6 | 7 | 8 |
| .57 | 3715 | 3724 | 3733 | 3741 | 3750 | 3758 | 3767 | 3776 | 3784 | 3793 | 1 | 2 | 3 | 3 | 4 | 5 | 6 | 7 | 8 |
| .58 | 3802 | 3811 | 3819 | 3828 | 3837 | 3846 | 3855 | 3864 | 3873 | 3882 | 1 | 2 | 3 | 4 | 4 | 5 | 6 | 7 | 8 |
| .59 | 3890 | 3899 | 3908 | 3917 | 3926 | 3936 | 3945 | 3954 | 3963 | 3972 | 1 | 2 | 3 | 4 | 5 | 5 | 6 | 7 | 8 |
| .60 | 3981 | 3990 | 3999 | 4009 | 4018 | 4027 | 4036 | 4046 | 4055 | 4064 | 1 | 2 | 3 | 4 | 5 | 6 | 6 | 7 | 8 |
| .61 | 4074 | 4083 | 4093 | 4102 | 4111 | 4121 | 4130 | 4140 | 4150 | 4159 | 1 | 2 | 3 | 4 | 5 | 6 | 7 | 8 | 9 |
| .62 | 4169 | 4178 | 4188 | 4198 | 4207 | 4217 | 4227 | 4236 | 4246 | 4256 | 1 | 2 | 3 | 4 | 5 | 6 | 7 | 8 | 9 |
| .63 | 4266 | 4276 | 4285 | 4295 | 4305 | 4315 | 4325 | 4335 | 4345 | 4355 | 1 | 2 | 3 | 4 | 5 | 6 | 7 | 8 | 9 |
| .64 | 4365 | 4374 | 4385 | 4395 | 4406 | 4416 | 4426 | 4436 | 4446 | 4457 | 1 | 2 | 3 | 4 | 5 | 6 | 7 | 8 | 9 |
| .65 | 4467 | 4477 | 4487 | 4498 | 4508 | 4519 | 4529 | 4539 | 4550 | 4560 | 1 | 2 | 3 | 4 | 5 | 6 | 7 | 8 | 9 |
| .66 | 4571 | 4581 | 4592 | 4603 | 4613 | 4624 | 4634 | 4645 | 4656 | 4667 | 1 | 2 | 3 | 4 | 5 | 6 | 7 | 9 | 10 |
| .67 | 4677 | 4688 | 4699 | 4710 | 4721 | 4732 | 4742 | 4753 | 4764 | 4775 | 1 | 2 | 3 | 4 | 5 | 7 | 8 | 9 | 10 |
| .68 | 4786 | 4797 | 4808 | 4819 | 4831 | 4842 | 4853 | 4864 | 4875 | 4887 | 1 | 2 | 3 | 4 | 6 | 7 | 8 | 9 | 10 |
| .69 | 4898 | 4909 | 4920 | 4932 | 4943 | 4955 | 4966 | 4977 | 4989 | 5000 | 1 | 2 | 3 | 5 | 6 | 7 | 8 | 9 | 10 |
| .70 | 5012 | 5023 | 5035 | 5047 | 5058 | 4070 | 5082 | 5093 | 5105 | 5117 | 1 | 2 | 4 | 5 | 6 | 7 | 8 | 9 | 11 |
| .71 | 5129 | 5140 | 5152 | 5164 | 5176 | 5188 | 5200 | 5212 | 5224 | 5236 | 1 | 2 | 4 | 5 | 6 | 7 | 8 | 10 | 11 |
| .72 | 5248 | 5260 | 5272 | 5284 | 5297 | 5309 | 5321 | 5333 | 5346 | 5358 | 1 | 2 | 4 | 5 | 6 | 7 | 9 | 10 | 11 |
| .73 | 5370 | 5383 | 5395 | 5408 | 5420 | 5433 | 5445 | 5458 | 5470 | 5483 | 1 | 3 | 4 | 5 | 6 | 8 | 9 | 10 | 11 |
| .74 | 5495 | 5508 | 5521 | 5534 | 5546 | 5559 | 5572 | 5585 | 5598 | 5610 | 1 | 3 | 4 | 5 | 6 | 8 | 9 | 10 | 12 |
| .75 | 5623 | 5636 | 5649 | 5662 | 5675 | 5689 | 5702 | 5715 | 5728 | 5741 | 1 | 3 | 4 | 5 | 7 | 8 | 9 | 10 | 12 |
| .76 | 5754 | 5768 | 5781 | 5794 | 5808 | 5821 | 5834 | 5848 | 5861 | 5875 | 1 | 3 | 4 | 5 | 7 | 8 | 9 | 11 | 12 |
| .77 | 5888 | 5902 | 5916 | 5929 | 5943 | 5957 | 5970 | 5984 | 5998 | 6012 | 1 | 3 | 4 | 5 | 7 | 8 | 10 | 11 | 12 |
| .78 | 6026 | 6039 | 6053 | 6067 | 6081 | 6095 | 6109 | 6124 | 6138 | 6152 | 1 | 3 | 4 | 6 | 7 | 8 | 10 | 11 | 13 |
| .79 | 6166 | 6180 | 6194 | 6209 | 6223 | 6237 | 6252 | 6266 | 6281 | 6295 | 1 | 3 | 4 | 6 | 7 | 9 | 10 | 11 | 13 |
| .80 | 6310 | 6324 | 6339 | 6353 | 6368 | 6383 | 6397 | 6415 | 6427 | 6442 | 1 | 3 | 4 | 6 | 7 | 9 | 10 | 12 | 13 |
| .81 | 6457 | 6471 | 6486 | 6501 | 6516 | 6531 | 6546 | 6561 | 6577 | 6592 | 2 | 3 | 5 | 6 | 8 | 9 | 11 | 12 | 14 |

## Antilogarithm Table

| | 0 | 1 | 2 | 3 | 4 | 5 | 6 | 7 | 8 | 9 | 1 | 2 | 3 | 4 | 5 | 6 | 7 | 8 | 9 |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| .82 | 6607 | 6622 | 6637 | 6653 | 6668 | 6683 | 6699 | 6714 | 6730 | 6745 | 2 | 3 | 5 | 6 | 8 | 9 | 11 | 12 | 14 |
| .83 | 6761 | 6776 | 6792 | 6808 | 6823 | 6839 | 6855 | 6871 | 6887 | 6902 | 2 | 3 | 5 | 6 | 8 | 9 | 11 | 13 | 14 |
| .84 | 6918 | 6934 | 6950 | 6966 | 6982 | 6998 | 7015 | 7031 | 7047 | 7063 | 2 | 3 | 5 | 6 | 8 | 10 | 11 | 13 | 15 |
| .85 | 7079 | 7096 | 7112 | 7129 | 7145 | 7161 | 7178 | 7196 | 7211 | 7228 | 2 | 3 | 5 | 7 | 8 | 10 | 12 | 13 | 15 |
| .86 | 7244 | 7261 | 7278 | 7295 | 7311 | 7328 | 7345 | 7362 | 7379 | 7396 | 2 | 3 | 5 | 7 | 8 | 10 | 12 | 13 | 15 |
| .87 | 7413 | 7430 | 7447 | 7464 | 7482 | 7499 | 7516 | 7534 | 7551 | 7568 | 2 | 3 | 5 | 7 | 9 | 10 | 12 | 14 | 16 |
| .88 | 7586 | 7603 | 7621 | 7638 | 7656 | 7674 | 7691 | 7709 | 7727 | 7745 | 2 | 4 | 5 | 7 | 9 | 11 | 12 | 14 | 16 |
| .89 | 7762 | 7780 | 7798 | 7816 | 7834 | 7852 | 7870 | 7889 | 7907 | 7925 | 2 | 4 | 5 | 7 | 9 | 11 | 13 | 14 | 16 |
| .90 | 7943 | 7962 | 7980 | 7998 | 8017 | 8035 | 8054 | 8072 | 8091 | 8110 | 2 | 4 | 6 | 7 | 9 | 11 | 13 | 15 | 17 |
| .91 | 8128 | 8147 | 8166 | 8185 | 8204 | 8222 | 8241 | 8260 | 8279 | 8299 | 2 | 4 | 6 | 8 | 9 | 11 | 13 | 15 | 17 |
| .92 | 8318 | 8337 | 8356 | 8275 | 8395 | 8414 | 8433 | 8453 | 8472 | 8492 | 2 | 4 | 6 | 8 | 10 | 12 | 14 | 15 | 17 |
| .93 | 8511 | 8531 | 8551 | 8570 | 8590 | 8610 | 8630 | 8650 | 8670 | 8690 | 2 | 4 | 6 | 8 | 10 | 12 | 14 | 16 | 18 |
| .94 | 8710 | 8730 | 8750 | 8770 | 8790 | 8810 | 8831 | 8851 | 8872 | 8892 | 2 | 4 | 6 | 8 | 10 | 12 | 14 | 16 | 18 |
| .95 | 8913 | 8933 | 8954 | 8974 | 8995 | 9016 | 9036 | 9057 | 9078 | 9099 | 2 | 4 | 6 | 8 | 10 | 12 | 15 | 17 | 19 |
| .96 | 9120 | 9141 | 9162 | 9183 | 9204 | 9226 | 9247 | 9268 | 9290 | 9311 | 2 | 4 | 6 | 8 | 11 | 13 | 15 | 17 | 19 |
| .97 | 9333 | 9354 | 9376 | 9397 | 9419 | #### | 9462 | 9484 | 9506 | 9528 | 2 | 4 | 7 | 9 | 11 | 13 | 15 | 17 | 20 |
| .98 | 9550 | 9572 | 9594 | 9616 | 9638 | 9661 | 9683 | 9705 | 9727 | 9750 | 2 | 4 | 7 | 9 | 11 | 13 | 16 | 18 | 20 |
| .99 | 9772 | 9795 | 9817 | 9840 | 9863 | 9886 | 9908 | 9931 | 9954 | 9977 | 2 | 5 | 7 | 9 | 11 | 14 | 16 | 18 | 20 |

**مثال 01** عدد معلوم ڪريو جنهن جو لاگرتم آهي.

(i) 1.3247 (ii) $\bar{2}.1324$

**حل** : (i) فرض ڪريو ته $x = \text{anti log}\ (1.3247)$ هتي $\text{Log}\ x = 1.3247$

قدم1: هاڻ گڻ = 1 ۽ مئنٽيسا = 0.3247

قدم2: ضد لاگرتم جدول ۾ 32. واري قطار کي ظاهر ڪريو.

قدم3: ٽيئن انگ کي جيڪو "4" آهي 32 واري قطار ۾ چوٿين ڪالم جي ڪاٽ سان معلوم ڪريو جيڪو2109. آهي.

قدم4: وري فرق واري ستين ڪالم ۾ انگ تلاش ڪريو جيڪو 3 آهي

قدم5: 3 کي 2109 ۾ جوڙ ڪريو جيڪو ٿيندو 2112 .

قدم6: جيئن ته گڻ 1 آهي تنهنڪري ڏهائي بن درجن ڪان پوءِ کاٻي ڪان ساڄي طرف ڏيو ته گهربل ضد لاگرتم ٿيندو 21.12 .


**حل** (ii): فرض ڪريو ته $x = \text{antilog}\ (\bar{2}.1324)$، هتي $\text{Log}\ \bar{x} = \bar{2}.1324$

هتي گڻ $\bar{2}$ ۽ مئنٽيسا = 0.1324

هاڻ ضد لاگرتم جدول ۾ 13. واري قطار کي ظاهر ڪريو ۽ ڪالم 2 جي ڪاٽ سان ملندو 1355 ۽ چوٿين ڪالم جو فرق آهي 1 تنهنڪري اهو ٿيندو 1356 = 1 + 1355 جيئن ته گڻ آهي 2- تنهنڪري گهربل عدد آهي 0.01356

## 2.2.5 ڪئلڪيوليٽر جي استعمال سان لاگرتم ۽ ضد لاگرتم معلوم ڪرڻ.

مثال1: ڪئلڪيوليٽر جو استعمال ڪري log (41230) جي قيمت معلوم ڪريو.




**حل**: فرض ڪريو ته $x = \log 41230$

اسان جو پهريو قدم آهي log بٽڻ کي دٻايو هاڻ (41230) رقم لکو.

ڏنگين بند ڪري "=" واري بٽڻ کي دٻايو

اسان ڏسنداسين ته log (41230) = 4.615213335
تنھنڪري log (41230) = 4.615213335

**مثال 02** ڪئلڪيوليٽر استعمال ڪري antilog (4.615213335) جو ملھ لھو.

حل: اسان ضد لاگرٿم بٽڻ استعمال ڪنداسين.

(i) shift key يا function $2^{nd}$ بٽڻ کي دٻايو.
(ii) log بٽڻ کي دٻايو.
(iii) 4.615213335 ڏنگين کي گڏ ڪري لکو.
(iv) Enter بٽڻ کي دٻايو

ضد لاگرٿم جو جواب antilog (4.615213335) = 41230.00002

## 2.3 عام لاگرٿم ۽ قدرتي لاگرٿم ۾ فرق معلوم ڪرڻ.

عام لاگرٿم جو بنياد ”10“ هوندو آهي، ۽ ان کي $\log_{10}(x)$ جي بدران $\log(x)$ سان ظاهر ڪيو ويندو آهي. جڏهن ته قدرتي لاگرٿم جو بنياد ”e“ هوندو آهي (e هڪ غيرناطق عدد آهي جنهن جي قيمت ...2.718281 آهي) ۽ ان کي $\log_e(x)$ جي بدران $\ln x$ سان ظاهر ڪيو ويندو آهي.

### مشق 2.4

1. جدول استعمال ڪري عدد معلوم ڪريو جن جا عام لاگرٿم هيٺ ڏجن ٿا.

| | | |
|---|---|---|
| (i) 0.35749 | (ii) 3.56721 | (iii) $\bar{1}.7427$ |
| (iv) 5.8196 | (v) $\bar{4}.3847$ | (vi) 0.9187 |

2. ڪئلڪيوليٽر استعمال ڪري هيٺين عددن جا لاگرٿم معلوم ڪريو.

| | | |
|---|---|---|
| (i) 900 | (ii) 45.54 | (iii) 36582 |
| (iv) 826.3 | (v) 0.00851 | (vi) 0.000097 |

3. ڪئلڪيوليٽر استعمال ڪري هيٺين مان $x$ جو ملھ معلوم ڪريو.

| | | |
|---|---|---|
| (i) $\log x = 1.7505$ | (ii) $\log x = 0.6609$ | (iii) $\log x = \bar{1}.6132$ |
| (iv) $\log x = 3.4800$ | (v) $\log x = \bar{7}.0038$ | (vi) $\log x = 0.2665$ |

## 2.4 لاگرٿم جا قاعدا (Laws of Logarithms)

### 2.4.1 هيٺيان لاگرٿم جا قاعدا ثابت ڪريو.

(i) $\log_a(mn) = \log_a m + \log_a n$

(ii) $\log_a\left(\frac{m}{n}\right) = \log_a m - \log_a n$

(iii) $\log_a m^n = \text{n} \log_a m$

(iv) $\log_a n = \dfrac{\log_b n}{\log_b a}$

(i) $\log_a(mn) = \log_a m + \log_a n$ ۽ $m, n, a, a > 0, \ a \neq 1,$

ثابتي: فرض ڪريو ته $\log_a m = x$ ۽ $\log_a n = y$ ته پوءِ

$m = a^x$ ۽ $n = a^y$

هاڻ $mn = a^x \cdot a^y$

(سگهن جو قاعدو) $mn = a^{x+y}$

سگهه واري صورت کي لاگرٿم واري صورت ۾ تبديل ڪرڻ سان

$\log_a (mn) = x+y$

تنهنڪري $\log_a(mn) = \log_a m + \log_a n$

**ٻن عددن جي ضرب اپت جو لاگرٿم انهن جي الڳ الڳ لاگرٿم جي جوڙ برابر آهي.**

(ii) حقيقي عدد $m, n, a$ ۽ $a > 0, a \neq 1$ لاءِ

$$\log_a \frac{m}{n} = \log_a m - \log_a n$$

ثابتي: فرض ڪريو ته $\log_a n = y$ ۽ $\log_a m = x$

ته پوءِ $m = a^x$ ۽ $n = a^y$

هاڻ $\dfrac{m}{n} = \dfrac{a^x}{a^y}$

$\dfrac{m}{n} = a^{x-y}$

سگهه واري صورت کي لاگرٿم واري صورت ۾ تبديل ڪرڻ سان

$\Rightarrow \quad \log_a \dfrac{m}{n} = x-y$

تنهنڪري $\log_a \dfrac{m}{n} = \log_a m - \log_a n$

**ٻن عددن جي ونڊ اپت جو لاگرٿم،انهن جي الڳ الڳ لاگرٿم جي تفاوت برابر آهي.**

(iii) حقيقي عدد $m, n, a$ ۽ $a > 0, a \neq 1$ لاءِ

$$\log_a m^n = \text{n} \log_a m$$

ثابتي: فرض ڪريو ته $\log_a m = x$

ته پوءِ $m = a^x$

هاڻ $m^n = (a^x)^m$

$m^n = a^{nx}$

سگهه واري صورت کي لاگرتم واري صورت ۾ تبديل ڪرڻ سان

$\Rightarrow \quad \log_a m^n = nx$

تنهنڪري $\log_a m^n = n\log_a m$

عددن جي n سگهه جو لاگرتم،انهيءَ عدد جي لاگرتم کي n سان ضرب جي برابر آهي.

(iv) بنيادن جي بدلائڻ واري خاصيت

حقيقي عددن $m, n, a$ ۽ $a > 0, a \neq 1$

$$\log_a n = \frac{\log_b n}{\log_b a}$$

ثابتي: فرض ڪريو ته $\log_a n = x$

ته پوءِ $n = a^x$

بنياد b تي ٻنهي طرف لاگرتم وٺڻ سان

$\log_b n = \log_b a^x$

$\log_b n = x\log_b a \quad \therefore \quad \log_b m^n = n\log_b m$

$$x = \frac{\log_b n}{\log_b a}$$

تنهنڪري $$\log_a n = \frac{\log_b n}{\log_b a}$$

**مثال 01** $\log_a(2bc)$ کي لاگرتم جي جوڙ ۾ ظاهر ڪريو.

لاگرتم جو قاعدو استعمال ڪرڻ سان

$\log_a(2bc) = \log_a 2 + \log_a b + \log_a c,$

لاگرتم جي جوڙ ۾ ظاهر ڪيو ويو.

**مثال 02** $\log(52.5 \times 63 \times 4.567)$ کي لاگرتم جي جوڙ ۾ ظاهر ڪريو.

حل: لاگرتم جو قاعدو استعمال ڪرڻ سان

$\log(52.5 \times 63 \times 4.567) = \log 52.5 + \log 63 + \log 4.567$

لاگرتم جي جوڙ ۾ ظاهر ڪيو ويو.

نوٽ ڪريو تہ

(i) $\log_a(mn) \neq \log_a m \times \log_a n$
(ii) $\log_a m + \log_a n \neq \log_a (m+n)$

**مثال 03** $\log\left(\dfrac{213.1}{34.22}\right)$ کي لاگرٿم تفاوت ۾ ظاهر ڪريو.

**حل:** لاگرٿم جي تفاوت جو قاعدو استعمال ڪريو تہ $\log\left(\dfrac{213.1}{34.22}\right)$ ٿيندو

$$\log\left(\frac{213.1}{34.22}\right) = \log 213.1 - \log 34.22.$$

لاگرٿم جي تفاوت ۾ ظاهر ڪيوويو.

**مثال 04** $\log_a 2^x$ کي ضرب واري صورت ۾ ظاهر ڪريو.

**حل:** اسان کي خبر آهي تہ $\log_a m^n = n\log_a m$

$$\therefore \log_a 2^x = x \log_a 2$$

## مشق 2.5

.1 هيٺين لاگرٿم کي $\log_a x, \log_a y$ ۽ $\log_a z$ جي رقمن جي صورت ۾ لکو.

(i) $\log_a \dfrac{x^3 y}{z^2}$ (ii) $\log_a \sqrt{xy^2 z}$

(iii) $\log_a\left(\sqrt[3]{x^{-1}\sqrt{y^3}} \div \sqrt{y^3\sqrt{x}}\right)$ (iv) $\log_a \dfrac{x\sqrt{y^3}}{\sqrt[3]{z^2 x^5}}$

.2 هيٺين کي هڪ لاگرٿم جي صورت ۾ گهٽايو.

(i) $\log_a 20 - \log_a 15 + \dfrac{1}{2}\log_a \dfrac{9}{2}$

(ii) $\dfrac{1}{3}\log_a(x-1)^3 + \dfrac{10}{9}\log_a(x+1) - \dfrac{1}{9}\log_a(x+1)$

(iii) $\log x - 2\log x + 3\log(x+1) - \log(x^2-1)$.

.3 جيڪڏهن $\log 2 = 0.3010$ , $\log 3 = 0.4771$ ۽ $\log 5 = 0.6990$ ته جدول استعمال ڪرڻ کان بغير هيٺين جون قيمتون معلوم ڪريو.

(i) $\log 15$ (ii) $\log 64$ (iii) $\log \sqrt{5 \times 2}$ (iv) $\log 48$

(v) $\log \sqrt{18}$ (vi) $\log 30$ (vii) $\log \frac{8}{3}$ (viii) $\log \frac{5}{\sqrt{3}}$

.4 هيٺيان ثابت ڪريو.

(i) $\log_b m \times \log_m a = \log_b a$ (ii) $\log_a b \times \log_c a = \log_c b$

(iii) $\log_b a . \log_c b \frac{1}{\log_c a} = 1$ (iv) $\log_a b = \frac{1}{\log_b a}$

.5 هيٺين جي چڪاس ڪريو.

(i) $\log_5 7 \times \log_7 25 = 2$ (ii) $\log_3 2 \times \log_2 81 = 4$

(iii) $\log_5 343 \times \log_7 25 = 6$ (iv) $\log_6 16 \times \log_2 216 = 12$

## 2.5 لاگرٿم جي قاعدن جا استعمال

2.5.1 لاگرٿم جي قاعدن کي استعمال ڪري، ضرب ونڊ ۽ سگهن جي ڊگهن طريقن کي جوڙ ، ڪٽ وغيره جي آسان طريقن ۾ تبديل ڪريو.

هيٺيان مثال لاگرٿم جي قاعدن جي استعمال کي سمجهڻ ۾ مدد ڪندا.

**مثال 01** لاگرٿم استعمال ڪري $(8.573)(28.74)$ جي قيمت معلوم ڪريو.

**حل:** فرض ڪريو ته $x = (8.573)(28.74)$

ٻنهي طرف لاگرٿم وٺڻ سان اسان کي ملندو

$\therefore \quad \log x = \log(8.573)(28.74)$

$\Rightarrow \quad \log x = \log(8.573) + \log(28.74)$

$\Rightarrow \quad \log x = 0.9332 + 1.4585$

$\Rightarrow \quad \log x = 2.3917$

$\therefore \quad x = \text{antilog}(2.3917)$

تنهنڪري $x = 246.4$

**مثال 02**: لاگرتم جي مدد سان $\frac{213.1}{34.22}$ جو ملهہ معلوم ڪريو.

حل: فرض ڪريو تہ $x=\frac{213.1}{34.22}$

ٻنهي طرف لاگرتم وٺڻ سان اسان کي ملندو

$$\log x=\log\left(\frac{213.1}{34.22}\right)$$

$$\Rightarrow \quad \log x=\log\left(\frac{213.1}{34.22}\right)$$

$$\Rightarrow \quad \log x=\log 213.1-\log 34.22, \quad \left(\log\left(\frac{a}{b}\right)=\log a-\log b\right)$$

لاگرتم جدول کي استعمال ڪرڻ سان

$$\log x=2.3286-1.5343=0.7943$$

$$\Rightarrow \quad \log x=0.7943,$$

ضد لاگرتم ڪرڻ سان اسان کي ملندو

$$x=\text{antilog}\,(0.7943)$$

ضد لاگرتم جي جدول استعمال ڪرڻ سان اسان کي ملندو $x=6.227$ (ڳڻ=0 ۽ مئنٽيسا= 0.7943

تہ $\frac{213.1}{34.22}$ جو ڳھربل ملهہ مليو 6.227

**مثال 03** لاگرتم جا قاعدا استعمال ڪري $\sqrt{\frac{3.41\times 37.92}{2.34}}$ جو ملهہ لهو.

حل: فرض ڪريو تہ $x=\sqrt{\frac{3.41\times 37.92}{2.34}}$

ٻنهي طرف لاگرتم وٺڻ سان اسان کي ملندو

$$\log x = \log\left(\frac{3.41\times 37.92}{2.34}\right)^{\frac{1}{2}}$$
$$= \frac{1}{2}\log\left(\frac{3.41\times 37.92}{2.34}\right)$$
$$= \frac{1}{2}(\log 3.41 + \log 37.92 - \log 2.34)$$
$$= \frac{1}{2}(0.5325 + 1.5788 - 0.3692)$$
$$= \frac{1}{2}(1.7424)$$
$$= 0.8712$$
$$x = \text{antilog } (0.8712)$$
$$= 7433$$
$$= 7.433$$

**مثال 04** $4^5$ ۾ انگن جو تعداد معلوم ڪريو.

**حل:** فرض ڪريو ته $n=4^5$

ٻنهي طرف لاگرٿم وٺڻ سان اسان کي ملندو

$$\therefore \quad \log n = \log 4^5, \qquad (\because \log a^n = n \log a)$$
$$\Rightarrow \quad \log n = 5 \log 4,$$
$$\Rightarrow \quad \log n = 5\times 0.6021, \qquad$$ (جيئن ته $\log 4 = 0.6021$)
$$\Rightarrow \quad \log n = 3.0105,$$

جيئن ته انگن جو تعداد = ڳڻ + 1

تنهنڪري انگن جو تعداد ٿيندو $4^5 = 3+1=4$

## مشق 2.6

.1 لاگرتم جي استعمال سان هيٺين جا ملھ لھو.

(i) $57.86\times 4.385$ (ii) $25.753\times 0.5341\times 490.8$ (iii) $\frac{25.753}{0.5341}$

(iv) $\frac{(790.6\times 30.32)}{25.753}$ (v) $\frac{99.87}{(8.369)\times(0.785)}$ (vi) $\sqrt[5]{2.709}\times\sqrt[7]{1.239}$

(vii) $\frac{(26.62)^{\frac{1}{2}}\times(87.19)^{3}}{\sqrt{69.53}}$ (viii) $\frac{(4308)^{3}\times\sqrt{80.06}}{(0.3387)^{3}}$

.2 هيٺين ۾ انگن جو تعداد معلوم ڪريو.

**(i)** $4^{12}$ **(ii)** $7^{25}$ **(iii)** $3^{30}$ **(iv)** $5^{20}$ **(v)** $9^{30}$

## مشق ورجايو 2

.1 هيٺين بيانن کي ڌيان سان پڙهو ۽ درست بيانن لاءِ T تي گولو پايو ۽ غلط بيانن لاءِ F تي گولو پايو.

(i) 0.025 کي سائنسي لکڻي ۾ $2.5\times 10^{3}$ لکي سگھجي ٿو. T/F

(ii) لاگرتم البيروني روشناس ڪرايو. T/F

(iii) ڪنهن عدد جي لاگرتم ۾ سڄي حصي کي ان جو ڳڻ چئبو آهي. T/F

(iv) لاگرتم عدد جو مئنٽيسا غيرڪاٽو ٻه ٿي سگھجي ٿو. T/F

(v) $\log_a x = y \Leftrightarrow a^y = x.$ T/F

.2 هيٺيان خال ڀريو.

(i) جنهن لاگرٿم جو بنياد 10 هجي ان کي چئبو _____________.

(ii) $\log 1 =$ ___________ .

(iii) لاگرٿم جي اٽپوري حصي کي سڏبو ____________.

(iv) $\log 512 =$ ___________ .

(v) $\log_a m \times \log_m n =$ ___________ .

(vi) $x = \log_a y$ جي سگهه واري صورت آهي _____________.

(vii) $a^{10} = y$ جي لاگرٿم صورت آهي _____________.

(viii) $\log_b a \times \log_a b =$ ___________ .

(ix) $\log_a \left(\frac{m}{n}\right) =$ ____________

(x) $\log(10 \times 10) =$ ___________ .

.3 درست جواب تي (✓) جو نشان لڳايو.

(i) جيڪڏهن $\log_{10} x = 4$ ته $x =$ ___________

(a) 500 (b) 100 (c) 1000 (d) 10000

(ii) $\log 54.58$ جو ڳڻ آهي _____________.

(a) 0 (b) 1 (c) 2 (d) 4

(iii) عام لاگرٿم جو بنياد آهي _____________.

(a) 5 (b) 10 (c) e (d) 100

(iv) $\log xyz =$ ___________ .

(a) $\log x \log y \log z$ (b) $\log x + \log y + \log z$

(c) $\log(xy)^z$ (d) $\log x - \log y - \log z$

(v) 0.00789 جي سائنسي لکڻي آهي:

(a) $7.89 \times 10^{-3}$ (b) $7.89 \times 10^{3}$

(c) $0.789 \times 10^{-2}$ (d) $78.9 \times 10^{-4}$

(vi) جيڪڏهن $\log x = 2$ ته $x =$ __________

(a) 200 (b) 1000 (c) 100

(d) 2/10

(vii) جيڪڏهن $\log_2 8 = x$ ته $x =$ __________

(a) 64 (b) 3 (c) 3

(d) 2

(viii) قدرتي لاگرٿم جو بنياد آهي __________.

(a) 10 (b) e (c) π

(d) 5

(ix) $3^5 = 243$ کي لاگرٿم صورت ۾ لکبو __________.

(a) $\log_3 5 = 243$ (b) $\log_3 243 = 5$

(c) $\log_5 243 = 12$ (d) $\log_5 3 = 243$

## خلاصو

- جيڪڏهن $a^x = y$ ته $y$ جو لاگرٿم $a$ بنياد تي $x$ کي چئبو ۽ ان کي هن ريت لکبو

  $\log_a y = x,\ a > 0, y > 0$ ۽ $a \neq 1$

- عام لاگرٿم جو بنياد 10 آهي، ان کي برگز لاگرٿم چئبو آهي. گهڻو ڪري $\log_{10} x$ جي بدران $\log x$ لکيو ويندو آهي. قدرتي لاگرٿم جو بنياد e آهي (هڪ غيرناطق عدد جنهن جي قيمت ...2.7182818 آهي ان کي $\log_e x$ جي بدران $\ln x$ لکبو آهي.

- $\log x = y \Leftrightarrow 10^y = x$

- $ln x = y \Leftrightarrow e^y = x$
- لاگرتم ۾ سڄي عددي حصي کي ڳڻ ڪي چئبو آهي ۽ اڳپوري حصي کي مئنٽيسا چئبو آهي.
- لاگرتم عدد جوڳڻ 1 کان وڌيڪ هميشہ غير ڪاٽو هوندو آهي.
- لاگرتم عدد جوڳڻ 1 کان گهٽ هميشہ ڪاٽو هوندو آهي.
- لاگرتم جو ڪاٽو ڳڻ ڪي 1- 2- ،3- جي بدران $\bar{1}$ $\bar{2}, \bar{3}$ لکبو آهي.
- لاگرتم عدد جن کي انگن جي هڪ جهڙي ترتيب هجي تن جو مئنٽيسا پڻ ساڳيو ٿيندو آهي.
- عدد جيڪو مليل لاگرتم سان مشابهت رکي ان کي ضد لاگرتم چئبو آهي.
- لاگرتم جا قاعدا:

$$\text{(i)} \quad \log_a(mn) = \log_a m + \log_a n$$

$$\text{(ii)} \quad \log_a\left(\frac{m}{n}\right) = \log_a m - \log_a n$$

$$\text{(iii)} \quad \log_a m^n = n\log_a m$$

$$\text{(iv)} \quad \log_a n = \frac{\log_b n}{\log_b a}$$

هي قاعدا هن ريت به لکي سگهجن ٿا: $\log_b a.\log_a n = \log_b n$